# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريه 1977
# SINDH ORDINANCE NO.III OF 1977
# نادرشا ايڊلجي ڊنشا انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي يونيورسٽي آرڊيننس، 1977
# THE NADIRSHAW EDULJI DINSHAW ENGINEERING AND TECHNOLOGY UNIVERSITY ORDINANCE, 1977

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

باب_ I

شروعاتي

CHAPTER_I

PRELIMINARY

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short titleand commencement

2. وصفون

Definitions

باب_II

يونيورسٽي

CHAPTER_II

THE UNIVERSITY

3. هيئت

Incorporation

4. يونيورسٽي جا اختيار

Powers of the University

5. يونيورسٽي جو دائره اختيار

Jurisdiction of the University

6. يونيورسٽي سمورن طبقن، فرقن وغيره لاءِ کليل هوندي

University open to all classes creeds etc

7. يونيورسٽي ۾ پڙهائي

Teaching in the University

8. يونيورسٽي شاگرد يونين

University Students union

باب_III

چانسيلر ۽ پرو چانسيلر

CHAPTER_III

CHANCELLOR AND PRO CHANCELLOR

9. چانسيلر

Chancellor

10. معائنو

Visitation

11. پرو چانسيلر

Pro_Chancellor

باب_IV

يونيورسٽي جون اختياريون

## CHAPTER_IV

## AUTHORITIES OF THE UNIVERSITY

12. اختياريون

Authorities

13. سينيٽ

Senate

14. سينيٽ جا اختيار ۽ ذميداريون

Powers and duties of the Senate

15. سنڊيڪيٽ

Syndicate

16. سنڊيڪيٽ جا اختيار ۽ ذميداريون

Powers and duties of the Syndicate

17. اڪيڊمڪ ڪائونسل

Academic Council

18. اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميداريون

Powers and duties of the Academic Council

19. ٻين اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ڪار ۽ اختيار

Constitution functions and powers of other Authorities

20. ڪجهه اٿارٽيز پاران ڪميٽين جي مقرري

Appointment of Committees by certain Authorities

21. اٿارٽيز جي ميمبرن جي عهدي جي مدي جي شروعات

Commencement of term of office of members of Authorities

22. اٿارٽيز جي ميمبرشپ بابت تڪرار

Dispute about membership of Authorities

23. اٿارٽيز جي جوڙجڪ ۾ خاميون

Voids in the constitution of Authorities

24. اٿارٽيز جي ڪارروائين جي توثيق

Validity of proceedings of authorities

25. اٿارٽيز جي ڪارروائين کي ختم ڪرڻ

Annulment of proceedings of Authorities

باب_V

يونيورسٽي جا عملدار

CHAPTER_V

OFFICERS OF THE UNIVERSITY

26. يونيورسٽي جا عملدار

Officers of the University

27. وائيس چانسيلر

Vice Chancellor

28. وائيس چانسيلر جا اختيار ۽ ذميداريون

Powers and duties of the Vice Chancellor

29. رجسٽرار

Registrar

30. ڊائريڪٽر آف فنانس

Director of Finance

31. امتحانن جو ڪنٽرولر

Controller of Examinations

32. ريزيڊنٽ آڊيٽر

Resident Officer

33. ٻيا عملدار

Other Officers

## باب_VI

## عملدار، استاد ۽ يونيورسٽي جا ٻيا ملازم

## CHAPTER_VI

## OFFICERS, TEACHERS AND OTHER EMPLOYEES OF THE UNIVERSITY

34. عملدارن وغيره جي ٻين يونيورسٽين يا سرڪاري آفيسن ڏانهن يا مان بدلي

Transfer officers, etc. to or from other Universities or Government offices

35. سبب ڄاڻائڻ جو موقعو

Opportunity to show cause

36. سنڊيڪيٽ کي اپيلون ۽ انهن تي نظرثاني

Appeals to and review by Syndicate

37. سپر اينوئيشن جي عمر

Age of Superannuation

38. پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پروويڊنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ

Pension insurance Gratuity, provident Fund and Benevolent Fund

## باب_VII

## يونيورسٽي فنڊ

## CHAPTER_VII

## UNIVERSITY FUND

39. يونيورسٽي فنڊ

University Fund

40. آڊٽ ۽ اڪائونٽس

Audit and Accounts

باب _VIII

کاليجن جو يونيورسٽي سان الحاق ٿيڻ

CHAPTER_VIII

AFFILIATION OF COLLEGES TO UNIVERSITY

41. الحاق

Affiliation

42. ڪورسز جو اضافو

Addition of Courses

43. الحاق ڪيل تعليمي ادارن طرفان رپورٽون

Reports from affiliated educational institutions

44. الحاق کي ختم ڪرڻ

With draw of affiliation

45. الحاق کي ختم ڪرڻ يا هٽ ڪٽڻ کان انڪار خلاف اپيل

Appeal against refusal or withdrawal of affiliation

باب_IX

قانون، قاعدا ۽ ضابطا

CHAPTER_IX

STATUTES, RULES AND REGULATIONS

46. قانون

Statutes

47. ضابطا

Regulations

48. قاعدا

Rules

باب _X

عام گنجائشون

CHAPTER_X

GENERAL PROVISIONS

49. دائره اختيار تي پابندي

Bar of Jurisdiction

50. ضمانت

Indemnity

51. رنڊڪون هٽائڻ

Removal of Difficulties

# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريه 1977
# SINDH ORDINANCE NO.III OF 1977
# نادرشا ايڊلجي ڊنشا انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي يونيورسٽي آرڊيننس، 1977
# THE NADIRSHAW EDULJI DINSHAW ENGINEERING AND TECHNOLOGY UNIVERSITY ORDINANCE, 1977

[1 مارچ 1977]

آرڊيننس جنهن ذريعي ڪراچي ۾ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي قائم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته ڪراچي ۾ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي قائم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي؛

هاڻي جيئن ته صوبائي اسيمبلي سنڌ جو سيشن هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ فوري طور قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت سونپيل اختيارن کي استعمال ڪندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

باب _ I
شروعاتي
CHAPTER_I

## باب _I
## شروعاتي
## CHAPTER_I

PRELIMINARY

# PRELIMINARY

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short titleand commencement

1.(1) هن آرڊيننس کي نادرشا ايڊلجي ڊنشا انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي آرڊيننس، 1977 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2.هن آرڊيننس ۾، جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) ”اڪيڊمڪ ڪائونسل“ مطلب يونيورسٽي جي اڪيڊمڪ ڪائونسل؛

(b) ”الحاق ٿيل ڪاليج“ مطلب يونيورسٽي ۾ الحاق ٿيل ڪاليج؛

(c) ”اختياري“ مطلب دفعہ 12 تحت ڄاڻايل يونيورسٽي جي اختيارين مان ڪا بہ اختياري؛

(d) ”چانسيلر“ مطلب يونيورسٽي جو چانسيلر؛

(e) ”ڪاليج“ مطلب هڪ ڪاليج ۽ جنهن ۾ شامل آهي هڪ ادارو جنهن ۾ انجنيئرنگ، ٽيڪنالاجي ۽ اهڙن ٻين لاڳاپيل مضمونن جي ڪورسز جي پڙهائي جي هدايتن يا پريڪٽيڪل ٽريننگ جا انتظام هجن، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(f) ”ڊين“ مطلب فيڪلٽي جو هيڊ؛

(g) ”فيڪلٽي“ مطلب يونيورسٽي جي فيڪلٽي؛

(h) ”حڪومت“ مطلب سنڌ حڪومت؛

(i) ”عملدار“ مطلب دفعہ 26 ۾ ڄاڻايل يونيورسٽي جي عملدارن مان ڪو بہ عملدار؛

(j) ”بيان ڪيل“ مطلب قانونن، ضابطن ۽ قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(k) ”پرنسيپال“ مطلب ڪاليج جو هيڊ؛

(l) ”پرو چانسيلر“ مطلب يونيورسٽي جو پرو چانسيلر؛

(m) ”رجسٽرڊ گريجوئيٽ“ مطلب يونيورسٽي جو هڪ گريجوئيٽ جنهن جو نالو ان مقصد لاءِ رکيل رجسٽر ۾ داخل هجي ۽ جنهن ۾ شامل آهي ڪنهن تصديق ٿيل يونيورسٽي جو هن آرڊيننس تحت بيان ڪيل ڪنهن بہ مضمون ۾ ۽ ڪراچي ڊويزن جي مقامي حدن اندر رهندڙ هجي ۽ جنهن جو نالو ڄاڻايل رجسٽر ۾ داخل ڪيو ويو هجي؛

(n) ”ضابطا“ مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل يا جوڙيا ويندڙ ضابطا؛

(o) ”قاعدا“ مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل يا جوڙيا ويندڙ ضابطا؛

(p) ”سينيٽ“ مطلب يونيورسٽي جي سينيٽ؛

(q) ”قانون“ مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل يا جوڙيا ويندڙ قانون؛

(r) ”سنڊيڪيٽ“ مطلب يونيورسٽي جي سنڊيڪيٽ؛

(s) ”استاد“ مطلب هڪ شخص جيڪو يونيورسٽي يا ڪاليج ۾ ڪنهن ڄاڻايل ڪورس يا ڪورسن ۾ تعليم ڏئي رهيو هجي ۽ جنهن ۾ شامل آهي اهو شخص جيڪو اهڙيءَ ريت ضابطن ۾ ڄاڻايو ويو

هجي؛

(t) ”تدريسي شعبو“ مطلب يونيورسٽي طرفان قائم ڪيل ۽ سنيااليل يا تصديق ڪيل هڪ تدريسي شعبو؛

(u) ”يونيورسٽي“ مطلب هن آرڊيننس تحت قائم ڪيل نادرشا ايدلجي ڊنشا انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي يونيورسٽي؛

(v) ”وائيس چانسيلر“ مطلب يونيورسٽي جو وائيس چانسيلر.

باب_II
يونيورسٽي
CHAPTER_II
THE UNIVERSITY

## باب _II

## يونيورسٽي

## CHAPTER_II

## THE UNIVERSITY

هيئت
Incorporation

3. (1) انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي جي هڪ يونيورسٽي هوندي، جنهن کي نادرشا ايدلجي ڊنشا انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي يونيورسٽي ايٽ ڪراچي سڏيو ويندو.

(2) يونيورسٽي چانسيلر، پرو چانسيلر، سمورن عملدارن، يونيورسٽي جي سمورن استادن ۽ اٿارٽيز جي ٻين ميمبرن تي مشتمل هوندي.

(3) يونيورسٽي باڊي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن کي حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي، جيڪا ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

(4) يونيورسٽي ٻنهي قسم جي منقولہ ۽ غير منقولہ ملڪيت حاصل ڪرڻ جي مجاز هوندي، يا وڪرو ڪرڻ يا

ٻي صورت ۾ ان ۾ شامل ڪنهن ملڪيت کي منتقل ڪرڻ يا هن آرڊيننس جي مقصدن لاءِ ڪنهن ٺيڪي ۾ شامل ٿيڻ جي مجاز هوندي.

(5) سموريون حاصل ڪيل يا قبضو ڪيل ملڪيتون ۽ حاصل ڪيل سمورا حق ۽ واسطا، ۽ ڪراچي يونيورسٽي ۾ شامل سمورا اثاثا، اڳوڻي اڳوڻي اين اي ڊي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ جوڙيل اضافي ڪيمپس جي سلسلي ۾ ڄاڻايل يونيورسٽي ۾ شامل ٿي ويندا، هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ سان يونيورسٽي ڏانهن منتقل ٿي ويندا.

(6) مٿي ڄاڻايل ڪاليج ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ سمورا ملازم بشمول ڪراچي يونيورسٽي جي استادن ۽ عملدارن جي، هن آرڊيننس جي فوري طور لاڳو ٿيڻ کان اڳ يونيورسٽي جي ملازمت ڏانهن منتقل ٿي ويندا ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن يونيورسٽي طئي ڪري.

بشرطيڪ اهڙا شرط ۽ ضابطا يونيورسٽي ڏانهن منتقل ٿيڻ کان اڳ ملازمن کي ملندڙ سهولتن کان گهٽ فائديمند نہ هوندا.

يونيورسٽي جا اختيار
Powers of the University

4. يونيورسٽي کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي ۽ اهڙن ٻين لاڳاپيل مضمونن ۾ تعليم ۽ تحقيق فراهم ڪرڻ ۽ ترقي ۽ ڄاڻ جي فراهمي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(b) يونيورسٽي ۽ ڪاليجز ۾ پڙهايا ويندڙ ڪورسز آف اسٽڊيز بيان ڪرڻ؛

(c) امتحان منعقد ڪرڻ ۽ ڊگريون، ڊپلوماز، سرٽيفڪيٽس ۽ ٻيون اڪيڊمڪ ڊسٽنڪشنز اهڙن ماڻهن کي بيان ڪيل

شرطن موجب ڏيڻ، جيڪي انهن مقصدن لاءِ داخل ٿيا ۽ جن انهن جا امتحان پاس ڪيا هجن.

(d) چاڪايل طريقيڪار موجب جن ماڻهن جي چانسيلر منظوري ڏئي انهن کي اعزازي ڊگريون يا ٻيون اڪيڊمڪ ڊسٽنڪشنز ڏيڻ؛

(e) اهڙن ماڻهن کي ڊگريون ڏيڻ جن بيان ڪيل شرطن موجب آزاداڻي تحقيق ڪئي هجي؛

(f) اهڙن ماڻهن کي مخصوص ڪورس پڙهائڻ يا تربيت ڏيڻ جيڪي يونيورسٽي جا شاگرد نہ هجن ۽ انهن کي سرٽيفڪيٽ ۽ ڊپلوماز ڏيڻ؛

(g) ڪاليجن کي چاڪايل طريقيڪار موجب الحاق ڏيڻ يا ڏار ڪرڻ؛

(h) چاڪايل طريقيڪار موجب ڪاليجن کي مراعتن ۾ شامل ڪرڻ يا انهن جون اهڙيون مراعتون ختم ڪرڻ؛

(i) الحاق ٿيل يا الحاق ٿيڻ جي خواهش رکندڙ ڪاليجن جي جاچ ڪرڻ؛

(j) ٻين يونيورسٽيز يا سکيا جي هنڌن تي پاس ڪيل امتحانن يا پڙهائي جي گذاريل عرصي کي يونيورسٽي جي امتحانن جي پڙهائي جي عرصي برابر قبول ڪرڻ يا اهڙي منظوري کي رد ڪرڻ؛

(k) ٻين يونيورسٽيز يا پبلڪ اٿارٽيز سان اهڙي طريقي ۽ اهڙن مقصدن لاءِ سهڪار ڪرڻ، جيئن اها طئي ڪري؛

(l) پڙهائي، تحقيق، واڌاري، انتظاميہ، تربيت ۽ اهڙن ٻين مقصدن سان لاڳاپيل آساميون پيدا ڪرڻ ۽ انهن آسامين تي ماڻهو مقرر ڪرڻ؛

(m) ڪنهن الحاق ٿيل ڪاليج جي استاد يا اهڙي ڪنهن
بئي شخص کي يونيورسٽي جي استاد طور مڃتا ڏيڻ؛
(n) ڄاڻايل طريقيڪار موجب فيلوشپس، اسڪالرشپس،
برسريز، ميڊلس ۽ انعام منعقد ڪرڻ ۽ ڏيڻ.
(o) پڙهائي ۽ تحقيق جي ترقي لاءِ ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ،
ڪاليجز، فيڪلٽيز، ادارا، سينٽرز آف ايڪسيلنس،
ميوزيمز ۽ ٻيا سکيا جا مرڪز قائم ڪرڻ ۽ انهن جي مرمت،
سار سنڀال ۽ هلائڻ لاءِ اهڙا انتظام ڪرڻ، جيئن اها طئي
ڪري؛
(p) يونيورسٽي ۽ ڪاليج جي شاگردن جي رهائشن جو
ضابطو رکڻ، رهائش جا هالس قائم ڪرڻ ۽ سنڀالڻ ۽
شاگردن جي هاسٽلس ۽ لاجنگ لاءِ ڪنهن هنڌ جي
منظوري ڏيڻ؛
(q) يونيورسٽي ۽ ڪاليجن جي شاگردن جي نظم و ضبط
تي نظرداري ڪرڻ ۽ ضابطو رکڻ ۽ اهڙن شاگردن جي
ايڪسٽرا ڪيوريڪولر ۽ ريڪريشنل سرگرمين کي هٿي
وٺرائڻ ۽ انهن جي صحت ۽ عام ڀلائي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ
انتظام ڪرڻ؛
(r) انهن جي خلاف انتظامي ڪارروائي ڪرڻ، ۽ شاگردن
تي ڄاڻايل طريقي موجب ڏنڊ مڙهڻ؛
(s) اهڙيون فيس ۽ ٻيون ادائگيون لڳائڻ ۽ اوڳاڙڻ، جيئن اها
طئي ڪري؛
(t) يونيورسٽي کي مليل ملڪيت، منتقل ڪيل ملڪيت ۽
گرانٽس، وصيتن، ٽرسٽس، تحفن، عطين، انڊومينٽس ۽ ٻين
چندن کي حاصل ڪرڻ ۽ سنڀالڻ، ۽ اهڙي ملڪيت،

گرانٽس، وصيتن، ٽرسٽس، تحفن، عطين، انڊومينٽس يا اهڙيءَ ريت ڪيل چندن جي نمائندگي ڪندڙ ڪنهن فنڊ جي سيڙپڪاري ڪرڻ، جيئن اها مناسب سمجهي.

(u) تحقيق ۽ ٻين ڪمن جي ڇپائي ۽ اشاعت جو اهتمام ڪرڻ؛ ۽

(v) اهڙا ٻيا قدم کڻڻ ۽ شيون ڪرڻ، پوءِ اهي مٿي ڄاڻايل اختيارن موجب هجن يا نه، جيڪي يونيورسٽي جي پڙهائي، سکيا ۽ تحقيق ۽ پڙهائي، افيليئيٽنگ ۽ ايگزيمننگ باڊي جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن.

يونيورسٽي جو دائره اختيار
Jurisdiction of the University

5. (1) يونيورسٽي کي پنهنجي ڪئمپس جي مقامي حدن ۽ ڪاليجن جي سلسلي ۾ ڪراچي ڊويزن اندر دائره اختيار هوندو:

بشرطيڪ، حڪومت يونيورسٽي سان صلاح بعد، عام يا خاص حڪم ذريعي، دائره اختيار کي تبديل ڪري سگهي ٿي.

(2) هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کانپوءِ، هن آرڊيننس جي گنجائشن سان لاڳاپيل ٻين سمورن قانونن جون گنجائشون ، جيڪي يونيورسٽي جي دائره اختيار ۾ وقتي طور لاڳو هيون، اهي لاڳو نه ٿينديون ۽ اهي منسوخ سمجهيون وينديون.

(3) يونيورسٽي جي دائره اختيار ۾ ايندڙ ڪو به ڪاليج حڪومت جي اجازت کانسواءِ يونيورسٽي جو الحاق حاصل نه ڪندو يا ڪنهن ٻي يونيورسٽي سان الحاق ٿيل نه رهندو.

(4) ذيلي دفعه (3) تحت، يونيورسٽي جي دائره اختيار

۾ ايندڙ سمورا ڪاليج، هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ سان يونيورسٽي ۾ الحاق ٿي ويندا.

6. يونيورسٽي سمورن ماڻهن پوءِ اهي ڪهڙي بہ جنس، مذهب، نسل، طبقي، درجي يا رنگ جا هجن انهن لاءِ کليل هوندي ۽ ڪنهن بہ ماڻهو کي يونيورسٽي جي مراعتن کان اهڙن بنيادن تي انڪار نہ ڪيو ويندو:

**يونيورسٽي سمورن طبقن، فرقن وغيره لاءِ کليل هوندي**
University open to all classes creeds etc

بشرطيڪ هن دفعہ مان ڪنهن بہ ڳالهہ جو اهو مطلب نہ ورتو ويندو تہ اها شاگردن کي سندن مذهبي عقيدن موجب پڙهائي ويندڙ مذهبي تعليم کان روڪيندي، پر اها ايئن پڙهائي ويندي، جيئن طئي ڪيو وڃي.

**يونيورسٽي ۾ پڙهائي**
Teaching in the University

7. (1) يونيورسٽي يا ڪاليجن ۾ مختلف ڪورسن ۾ سموري پڙهائي ڄاڻايل طريقيڪار موجب ڪئي ويندي، ۽ ان ۾ شامل هوندا ليڪچرس، ٽيوٽوريلس، بحث مباحثا، سيمينار، مظاهرا، ليباريٽريز ۽ ورڪشاپس ۾ عملي ڪم ۽ هدايت جا ٻيا طريقا.

(2) يونيورسٽي يا ڪاليجن جي ڪنهن بيان ڪيل ڪورس ۾ پڙهائي جو اهڙي اختياري طرفان انتظام ڪيو ويندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(3) يونيورسٽي ۽ ڪاليج ۾ پڙهائي جا ڪورسز ۽ نصاب اهڙو هوندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**يونيورسٽي شاگرد يونين**
University Students union

8. (1) بيان ڪيل طريقي موجب يونيورسٽي جي شاگردن جي يونين جوڙي ويندي، جنهن کانپوءِ ان کي يونين سڏيو ويندو.

(2) ڪم ۽ مراعتون ۽ يونين سان لاڳاپيل ٻيا سمورا معاملا ايئن هوندا، جيئن بيان ڪيا ويا هجن.

# باب _III
# چانسيلر ۽ پرو چانسيلر
# CHAPTER_IIII
# CHANCELLOR AND PRO CHANCELLOR

باب_III
چانسيلر ۽ پرو چانسيلر
CHAPTER_III
CHANCELLOR AND PRO CHANCELLOR

**چانسيلر**
**Chancellor**

9. (1) سنڌ جو گورنر يونيورسٽي جو چانسيلر هوندو.

(2) چانسيلر جڏهن موجود هجي، يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن جي صدارت ڪندو.

**معائنو**
**Visitation**

10. (1) چانسيلر يونيورسٽي سان سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت لاڳاپيل ڪنهن معاملي يا مسئلي جي جاچ پڙتال يا پڇا ڳاڇا ڪرائي سگهي ٿو ۽ ان سلسلي ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ماڻهو اهڙي جاچ پڙتال يا پڇا ڳاڇا لاءِ مقرر ڪري سگهي ٿو.

(2) سنڊيڪيٽ کي ذيلي دفعه (1) تحت جاچ پڙتال يا پڇا ڳاڇا بابت نوٽيس ڏنو ويندو ۽ اها اهڙي جاچ پڙتال يا پڇا ڳاڇا ۾ پيش ٿي نمائندگي ڪندي.

(3) جاچ پڙتال يا پڇا ڳاڇا مڪمل ٿيڻ کانپوءِ، چانسيلر ان جي نتيجن بابت پنهنجي راءِ کان سنڊيڪيٽ کي آگاهه ڪندو ۽ سنڊيڪيٽ جو ردعمل معلوم ڪرڻ کانپوءِ، چانسيلر سنڊيڪيٽ کي اهڙو قدم کڻڻ جي صلاح ڏئي سگهي ٿو يا اهڙي وقت دوران اهڙي شئي ڪرڻ کان منع ڪري سگهي ٿو جيئن اهو ان سلسلي ۾ بيان ڪري.

(4) جتي سنڊيڪيٽ ذيلي دفعه (3) تحت چانسيلر

طرفان ڏنل صلاح تي جاڳايل وقت دوران عمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿي تہ، چانسيلر، وضاحت يا سنڊيڪيٽ طرفان پيش ڪيل عريضي تي غور ڪرڻ کانپوءِ، اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگھي ٿو، جيئن اهو مناسب سمجھي ۽ اها وائيس چانسيلر جي ذميواري هوندي تہ اهو اهڙين هدايتن تي عملدرآمد کي يقيني بڻائي.

پرو چانسيلر
Pro_Chancellor

11. (1) تعليم وارو وزير يونيورسٽي جو پرو چانسيلر هوندو.

(2) جڏهن چانسيلر غير حاضر هجي يا ٻي صورت ۾ اهڙيءَ ريت عمل ڪرڻ کان قاصر هجي تہ پرو چانسيلر، چانسيلر جا اختيار استعمال ڪندو ۽ ان جا ڪم سرانجام ڏيندو.

باب_IV
يونيورسٽي جون اختياريون
CHAPTER_IV
AUTHORITIES OF THE UNIVERSITY

# باب _ IV
# يونيورسٽي جون اختياريون
# CHAPTER_IV
# AUTHORITIES OF THE UNIVERSITY

اختياريون
Authorities

12. هيٺيون يونيورسٽي جون اختياريون هونديون:

(i) سينيٽ؛

(ii) سنڊيڪيٽ؛

(iii) اڪيڊمڪ ڪائونسل؛

(iv) بورڊز آف فيڪلٽيز؛

(v) بورڊز آف اسٽڊيز؛

(vi) سليڪشن بورڊ؛

(vii) ايڊوانسڊ اسٽڊيز اينڊ ريسرچ بورڊ؛

(viii)فنانس اينڊ پلاننگ ڪميٽي؛

(ix) افيليئيشن ڪميٽي؛

(x)ڊسيپلين ڪميٽي؛ ۽

(xi) اهڙيون ٻيون باڊيز جيئن قانونن ۾ بيان ڪيون ويون هجن.

سينيٽ Senate

13. (1) سينيٽ مشتمل هوندي:

(i) چانسيلر؛

(ii) پرو چانسيلر؛

(iii) سمورا عملدار؛

(iv)سنڊيڪيٽ جا سمورا ميمبر؛

(v)اميريٽس پروفيسرن سميت يونيورسٽي جا سمورا پروفيسر؛

(vi)پروفيسرز کانسواءِ يونيورسٽي جا چار استاد، جن جي گهٽ ۾ گهٽ ٽي سال يونيورسٽيءَ ۾ ملازمت هجي، اهي سمورن يونيورسٽي جي استادن طرفان چونڊيا ويندا؛

(vii)الحاق ٿيل ڪاليجن جا سمورا پرنسيپال؛

(viii) شاگرد يونينس جا ٻه نمائندا، يعني، يونيورسٽي جي اسٽوڊنٽس يونينس جو صدر ۽ اهڙن صدر پاران الحاق ٿيل ڪاليجن جي اسٽوڊنٽس يونينس جا صدر چونڊيا ويندا؛

(ix) انٽرميڊيئيٽ ۽ سيڪنڊري تعليمي بورڊ، ڪراچي جو چيئرمين؛

(x)سمورن گريجوئيٽس پاران انهن منجهان هڪ رجسٽرڊ گريجوئيٽ کي چونڊيو ويندو؛ ۽

(xi)ناليوارن انجنيئرن ۽ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي ۾ ماهرن منجهان ٻن ڄڻن کي چانسيلر طرفان نامزد ڪيو ويندو.

(2) چانسيلر يا ان جي غير موجودگي ۾، پرو چانسيلر، يا ٻنهي جي غير موجودگي ۾، وائيس چانسيلر سينيٽ جو چيئرمين هوندو.

(3) ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ سينيٽ جا ميمبر، ٽن سالن لاءِ عهدو رکندا ۽ جيڪڏهن اهڙي ڪنهن ميمبر جو عهدو مدو پورو ٿيڻ کان اڳ خالي ٿئي ٿو ته اهڙي آسامي ذيلي دفعہ (1) تحت پري ويندي ۽ اهڙي آسامي تي مقرر ڪيل ميمبر رهيل مدي تائين عهدو رکي سگهندو.

(4) سينيٽ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻهدفعا وائيس چانسيلر طرفان چانسيلر طرفان چانسلر جي راضپي سان مقرر ڪيل تاريخ تي گڏجاڻي ڪندي.

(5) سينيٽ جي گڏجاڻي جو ڪورم ميمبرن جي ٽوٽل انگ جو هڪ پاڱي تي برابر هوندو جنهن کي هڪ جي نسبت برابر ڳڻيو ويندو.

**سينيٽ جا اختيار ۽ ذميداريون**
**Powers and duties of the Senate**

14. هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب سينيٽ کي هيٺيان اختيار هوندا:

(a) قانونن تي غور ڪرڻ ۽ منظوري ڏيڻ؛

(b)ساليانو رپورٽ، اڪائونٽس جي ساليانو اسٽيٽمينٽ ۽ ساليانو ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ منظوري ڏيڻ؛

(c) هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب اختيارين ۾ ميمبر مقرر ڪرڻ؛

(d) پنهنجي اختيارن مان ڪي بہ ڪنهن اختياري يا عملدار يا ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽي حوالي ڪرڻ؛ ۽

(e) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن ۾ بيان ڪيا ويا هجن.

سنڊيڪيٽ
Syndicate

15. (1) سنڊيڪيٽ مشتمل هوندي:

(i) وائيس چانسيلر (چيئرمين)؛

(ii) هڪ ڊين چانسلر طرفان وائيس چانسلر جي سفارش تي مقرر ڪيو ويندو؛

(iii) يونيورسٽي جو هڪ پروفيسر، ۽ هڪ استاد جيڪو پروفيسر نہ هجي گڏيل طور تي يونيورسٽي جي سمورن استادن طرفان چونڊيا ويندا؛

(iv) الحاق ٿيل ڪاليجز جي پرنسپالز مان هڪ اهڙن سمورن پرنسپالز طرفان چونڊيو ويندو.

(v) ناميارن انجنيئرز ۽ ماهرن منجهان انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي ۾ هڪ شخص چانسلر طرفان نامزد ڪيو ويندو؛

(vi) سنڌ حڪومت جي تعليم کاتي جو سيڪريٽري؛

(vii) سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس يا ان طرفان نامزد ڪيل؛ ۽

(viii) صوبائي اسيمبلي سنڌ جا ٻہ ميمبرز اسيمبلي جي ميمبرز طرفان انهن منجهان ئي چونڊيا ويندا.

(2) ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ سنڊيڪيٽ جا ميمبر ٽن سالن لاءِ عهدو رکندا ۽ جيڪڏهن ڪنهن ميمبر جي عهدي جو مدو ختم ٿيڻ کان اڳ ۾ خالي ٿئي ٿو تہ اهڙي آسامي ذيلي دفعہ (1) تحت ڀري ويندي ۽ اهڙي آسامي تي

مقرر ڪيل ميمبر رهيل مدي لاءِ عهدو رکي سگهندو.

(3) سنڊيڪيٽ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هوندو. جنهن جي نسبت هڪ برابر سمجهي ويندي.

سنڊيڪيٽ جا اختيار ۽ ذميداريون

Powers and duties of the Syndicate

16. (1) سنڊيڪيٽ يونيورسٽي جي ايگزيڪيوٽو باڊي هوندي ۽ هن آرڊيننس جي گنجائشن ۽ قانونن موجب، يونيورسٽي جي معاملن ۽ ملڪيت تي عام نظرداري رکندي.

(2) مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ ۽ هن آرڊيننس جي گنجائشن ۽ قانونن موجب، سنڊيڪيٽ کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) طريقو طئي ڪرڻ، قبضو ڏيڻ ۽ يونيورسٽي جي عام مهر جو استعمال ڪرڻ؛

(b) يونيورسٽي طرفان ڪا منقوله يا غير منقوله ملڪيت منتقلي يا وڪري ذريعي يا ڪنهن ٻئي معاملي ۾ رکڻ، سنڀالڻ، حاصل ڪرڻ يا وٺڻ؛

(c) يونيورسٽي طرفان فنڊس رکڻ، انتظام ڪرڻ ۽ انهن تي ضابطو رکڻ ۽ فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جي مشوري سان اهڙا فنڊس حڪومتي سيڪيورٽيز ۾ سيڙائڻ يا ٻين اهڙين سڪيورٽيز ۾، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(d) ساليانى ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ سينيٽ کي مشورو ڏيڻ ۽ خرچ جي مکيه مد مان ٻين ڏانهن فنڊس کي خرچ ڪرڻ؛

(e) يونيورسٽي جي اثاثن ۽ وسيلن سميت سمورن مالي خرچن جي اڪائونٽس جا ڪتاب ترتيب ڏيڻ؛

(f) يونيورسٽي جي طرفان ٺيڪن ۾ داخل ٿيڻ؛

(g) عمارتون ۽ ٻيا احاطا، لائبريريز، فرنيچر، سامان، اوزار ۽ اهڙيون ٻيون يونيورسٽي کي گهربل شيون فراهم ڪرڻ؛

(h) رهائش لاءِ هال ٺهرائڻ ۽ انهن جي نگهباني ڪرڻ يا شاگردن لاءِ هاسٽلون ٺهرائڻ سنڀالڻ ۽ شاگردن جي اهڙي رهائش لاءِ ڪو هنڌ چونڊڻ؛

(i) ڪاليجن کي الحاقڏيڻ يا انهن جو الحاق ختم ڪرڻ؛

(j) ڪاليجن کي پنهنجي مراعتون ۾ شامل ڪرڻ يا انهن جو اهڙين مراعتن کان خارج ڪرڻ؛

(k) ڪاليجن ۾ تدريسي شعبن جون انسپيڪشنز ڪرائڻ؛

(l) پڙهائي، تحقيق، ترقي، انتظاميا، تربيت ۽ ان سان لاڳاپيل ڪن ٻين مقصدن لاءِ آساميون پيدا ڪرڻ؛

(m) سليڪشن بورڊ جي سفارش تي يونيورسٽي استاد ۽ اهڙن عهدن تي ملازم مقرر ڪرڻ جن جي بنيادي پگهار پنج سئو رپين کان وڌيڪ هجي؛

(n) اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب اميريٽس پروفيسرس مقرر ڪرڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(o) عملدار (سواءِ وائيس چانسيلر جي)، استادن ۽ ٻين ملازمن کي ڄاڻايل طريقيڪار موجب سسپينڊ ڪرڻ، سزا ڏيڻ ۽ ملازمت کان هٽائڻ؛

(p) هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب اختيارين ۾ ميمبر مقرر ڪرڻ؛

(q) چانسيلر جي منظوري سان، ڄاڻايل شرطن موجب اعزازي ڊگريون ڏيڻ؛

(r) سينيٽ کي پيش ڪرڻ لاءِ قانونن جا ڊرافٽس تجويز ڪرڻ؛

(s) اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان تجويز ڪيل ضابطن تي غور ڪرڻ ۽ منظوري ڏيڻ. يا اڪيڊمڪ ڪائونسل جي مشوري ڪانپوءِ ضابطا جوڙڻ؛

(t) يونيورسٽي جي معاملن بابت سينيٽ کي پيش ڪرڻ ۽ منظوري لاءِ ساليانو رپورٽ تيار ڪرڻ؛

(u) سينيٽ طرفان ڪنهن به معاملي تي طلب ڪيل رپورٽ پيش ڪرڻ؛

(v) هن آرڊيننس ۾ نه ڄاڻايل يونيورسٽي سان لاڳاپيل معاملن کي منهن ڏيڻ، جيئن مناسب سمجهي؛ ۽

(w) پنهنجي اختيارن مان ڪي به ڪنهن اٿارٽي يا عملدار يا ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽي حوالي ڪرڻ.

اڪيڊمڪ ڪائونسل Academic Council

17. اڪيڊمڪ ڪائونسل مشتمل هوندي:

(i) وائيس چانسيلر (چيئرمين)؛

(ii) ڊينس؛

(iii) اميريٽس پروفيسرن سميت يونيورسٽي جا پروفيسرز؛

(iv) ٽيچنگ ڊپارٽمينٽس جو چيئرمين؛

(v) الحاق ٿيل ڪاليجن جا سمورا پرنسيپالس؛

(vi) ناميارن انجنيئر ۽ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي جي ماهرن منجهان به ماڻهو چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(vii) سنڌ حڪومت جي تعليم کاتي جو سيڪريٽري؛

(viii) رجسٽرار؛

(ix) لائبريرين؛ ۽

(x) امتحانن جو ڪنٽرولر.

(2) ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ اڪيڊمڪ ڪائونسل جا ميمبر، ٽن سالن لاءِ عهدو رکي سگهندا ۽

جيڪڏهن اهڙي ميمبر جو عهدو مدي ختم ٿيڻ کان اڳ خالي ٿئي ٿو تہ اهڙي آسامي تي ذيلي دفعہ (1) تحت پرتي ڪئي ويندي ۽ ان آسامي تي مقرر ڪيل ميمبر رهيل مدي لاءِ عهدو رکي سگهندو.

(3) اڪيڊمڪ ڪائونسل جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرن جي هڪ پاڱي تي برابر هوندو. جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.

**اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميداريون**

**Powers and duties of the Academic Council**

18. (1) اڪيڊمڪ ڪائونسل يونيورسٽي جي اڪيڊمڪ باڊي هوندي ۽ هن آرڊيننس جي گنجائشن ۽ قانونن ۽ ضابطن موجب، ان کي هدايتن، تحقيق ۽ امتحانن جا جوڳا معيار قائم رکڻ ۽ يونيورسٽي ۽ ڪاليجن جي تعليمي زندگي کي سنڀالڻ ۽ هٿي ونرائڻ جا اختيار حاصل هوندا.

(2) مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، هن آرڊيننس جي گنجائشن، قانونن ۽ ضابطن موجب، اڪيڊمڪ ڪائونسل کي اختيار حاصل هوندا:

(a) تعليمي معاملن تي سنڊيڪيٽ کي مشورو ڏيڻ؛

(b) پڙهائي، تحقيق ۽ امتحان ڪرائڻ؛

(c) پڙهائي جي ڪورسن ۽ يونيورسٽي جي امتحانن ۾ شاگردن جي داخلا ڪرائڻ؛

(d)اسٽوڊنٽ شپس، اسڪالر شپس، ميڊلس ۽ انعام ڏيڻ جو انتظام ڪرڻ؛

(e)يونيورسٽي جي شاگردن جي طرز عمل ۽ نظم و ضبط کي منظم ڪرڻ؛

(f) فيڪلٽيز، تدريسي شعبن ۽ بورڊ آف اسٽڊيز جي جوڙجڪ ۽ تنظيم سازي لاءِ سنڊيڪيٽ کي اسڪيمون

تجويز ڪرڻ؛
(g) سنڊيڪيٽ جي غور ۽ منظوري لاءِ ضابطا تيار ڪرڻ؛
(h) فيڪلٽي جي ڪنهن بورڊ يا بورڊ آف اسٽڊيز جي سفارش تي، ساليانو ضابطا تجويز ڪرڻ ، پڙهائي جا ڪورس، نصاب ۽ سمورن يونيورسٽي امتحانن جي ٽيسٽن لاءِ رهنمائي فراهم ڪرڻ؛ بشرطيڪ جيڪڏهن اهڙي بورڊ جون سفارشن ڄاڻايل تاريخ تائين حاصل نہ ٿيون ٿين، اڪيڊمڪ ڪائونسل، سنڊيڪيٽ جي منظوري سان، اهڙن ضابطن کي ايندڙ مالي سال لاءِ جاري رکڻ جي اجازت ڏئي سگهي ٿي؛
(i) ٻين يونيورسٽيز يا ايگزيمننگ باڊيز جي امتحانن جي تصديق ڪرڻ انهن کي يونيورسٽي جي لاڳاپيل امتحانن برابر درجو ڏيڻ؛
(j) هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب اٿارٽيز ۾ ميمبرس مقرر ڪرڻ؛ ۽
(k) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

**ٻين اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ڪار ۽ اختيار**
**Constitution functions and powers of other Authorities**

19. اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ڪار ۽ اختيار جنهن لاءِ هن آرڊيننس ۾ ڪي بہ خاص گنجائشون ناهن جوڙيون ويون، اهي ايئن هوندا جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

**ڪجهہ اٿارٽيز پاران ڪميٽين جي مقرري**
Appointment of Committees by certain Authorities

20. ڪا بہ اٿارٽي، وقت بوقت، اهڙيون اسٽينڊنگ، اسپيشل يا ايڊوائيزري ڪميٽيون جوڙي سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي، ۽ اهڙا ماڻهو ڪميٽي جي ميمبرن طور مقرر ڪري سگهي ٿي، جيڪي اهڙي اٿارٽي جا ميمبر نہ هجن.

**اٿارٽيز جي ميمبرن جي عهدي جي مدي جي شروعات**
Commencement of term of office of members of Authorities

21. جتي هڪ ميمبر ڪنهن اٿارٽي يا باڊي ۾ هن آرڊيننس تحت ڪنهن طئي ڪيل مدي لاءِ چونڊيو، مقرر ڪيو يا نامزد ڪيو وڃي ٿو جيستائين ان جي شروعات جي تاريخ نہ بيان ڪئي وڃي، ان کي چونڊجڻ، مقرري يا نامزدگي واري تاريخ کان ڳڻيو ويندو، جيئن معاملو هجي.

**اٿارٽيز جي ميمبرشپ بابت تڪرار**
Dispute about membership of Authorities

22. جيڪڏهن ڪنهن شخص جي اهليت بابت تڪرار پيدا ٿئي ٿو يا اهو ڪنهن اٿارٽي جي ميمبر طور ڪم جاري رکي ٿو تہ اهڙو معاملو وائيس چانسيلر، سڀ کان سينئر ڊين ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس يا ان طرفان نامزد ڪيل هاءِ ڪورٽ جي جج تي ٻڌل ڪميٽي ڏانهن اماڻيو ويندو، ۽ اهڙي ڪميٽي جو فيصلو حتمي هوندو.

**اٿارٽيز جي جوڙجڪ ۾ خاميون**
Voids in the

23. جتي هڪ اٿارٽي يا باڊي جي هڪ ميمبر جو عهدو حڪومت جي هٿ هيٺ ڪنهن آفيس جي ختم ٿيڻ يا اهڙي ميمبر کي چونڊيندڙ، مقرر ڪندڙ يا نامزد ڪندڙ مجاز

| | |
|---|---|
| constitution of Authorities | تنظيم، اداري يا ٻي باڊي جي ختم ٿيڻ يا اهڙي تنظيم، اداري يا باڊي کي ڪم ڪان روڪڻ تي، يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري خالي ٿئي ٿو تہ، اهڙي آسامي کي اهڙيءَ ريت اهڙين شرطن موجب پريو ويندو جيئن چانسيلر هدايت ڪري. |
| اٿارٽيز جي ڪارروائين جي توثيق<br>Validity of proceedings of authorities | 24. يونيورسٽي جي ڪنهن اٿارٽي يا باڊي جو ڪو قدم يا ڪارروائي اهڙي اٿارٽي يا باڊي ۾ آسامي جي صورت ۾ يا جوڙجڪ ۾ ڪنهن نقص جي صورت ۾ غير موثر نہ ٿيندا. |
| اٿارٽيز جي ڪارروائين کي ختم ڪرڻ<br>Annulment of proceedings of Authorities | 25. ( 1) جتي چانسيلر مطمئن آهي تہ ڪنهن اٿارٽي جي ڪارروائي هن آرڊيننس جي گنجائشن، قانونن، ضابطن يا قاعدن موجب ناهي تہ اهڙي اٿارٽي کي سبب ڄاڻائڻ لاءِ طلب ڪرڻ کانپوءِ تہ ڇو اهڙي ڪارروائي کي ختم نہ ڪيو وڃي، لکت ۾ حڪم ذريعي، اهڙي ڪارروائي کي رد ڪندو.<br>(2) جتي ڪنهن اٿارٽي جو هڪ ميمبر اخلاقي گستاخي جو سزا يافتہ آهي، يا ذهني مريض ٿي ويو آهي يا ٻي صورت ۾ اهڙي اٿارٽي جي ميمبر طور پنهنجا ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ نااهل ٿي ويو آهي تہ اهڙي شخص کي چانسيلر طرفان اٿارٽي جي ميمبر شپ تان هٽايو ويندو. |
| باب_V<br>يونيورسٽي جا عملدار<br>CHAPTER_V<br>OFFICERS OF THE | **باب پنجون**<br>**يونيورسٽي جا عملدار**<br>**CHAPTER_V**<br>**OFFICERS OF THE UNIVERSITY** |

UNIVERSITY

**يونيورسٽي جا عملدار**
**Officers of the University**

26. هيٺيان يونيورسٽي جا عملدار هوندا:

(i) وائيس چانسيلر؛

(ii) ڊينس؛

(iii) تدريسي شعبن جو چيئرمين؛

(iv) رجسٽرار؛

(v) ڊائريڪٽر آف فنانس؛

(vi) امتحانن جو ڪنٽرولر؛

(vii) ريزيڊنٽ آڊيٽر؛

(viii) لائبريرين؛ ۽

(ix) اهڙا ٻيا ماڻهو جيڪي ضابطن موجب بيان ڪيا ويا هجن.

**وائيس چانسيلر**
**Vice Chancellor**

27. (1) وائيس چانسيلر، چانسيلر طرفان حڪومت جي سفارش تي چئن سالن جي عرصي لاءِ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو، جيئن چانسيلر طئي ڪري، ۽ تيستائين عهدو رکندو جيستائين چانسيلر چاهي.

(2) جڏهن وائيس چانسيلر جو عهدو خالي آهي، يا اهو غير حاضر آهي يا بيماري سبب يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري پنهنجي آفيس جا ڪم سرانجام ڏيڻ کان لاچار آهي، چانسيلر اهڙا انتظام ڪري سگهي ٿو جيئن اهو مناسب سمجهي.

(3) وائيس چانسيلر يونيورسٽيءَ جو مکيه منتظم ۽ اڪيڊمڪ آفيسر هوندو.

**وائيس چانسيلر جا اختيار ۽ ذميداريون**

28. وائيس چانسيلر کي هيٺيان اختيار هوندا:

(i) هن آرڊيننس جي گنجائشن ۽ قانونن، ضابطن ۽ قاعدن

Powers and duties of the Vice Chancellor

جي نظرداري کي يقيني بڻائڻ؛

(ii) ٻنهي چانسيلر ۽ پرو چانسيلر جي غير حاضري ۾ يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن ۽ سينيٽ جي گڏجاڻين جي صدارت ڪرڻ؛

(iii) اٿارٽيز يا يونيورسٽي جي ٻين باڊيز جي گڏجاڻين ۾ شامل ٿيڻ ۽ انهن جي صدارت ڪرڻ، جن جو اهو چيئرمين هجي يا نہ هجي؛

(iv) هنگامي صورتحال ۾ اهڙو قدم کڻڻ، جيڪو اهو ضروري سمجهي ۽ ان کانپوءِ جيترو جلد ٿي سگهي، ان کنيل قدم بابت ان عملدار، اٿارٽي يا ٻي باڊي کي رپورٽ ڪرڻ، جنهن کي عام صورتحال ۾ قدم کڻڻو هيو

(v)عارضي آساميون پيدا ڪرڻ، جيڪي ڇهہ مهينن جي عرصي کان وڌيڪ نہ هجن ۽ انهن آسامين تي ڀرتي ڪرڻ؛

(vi) پنج سئو رپين کان وڌيڪ ماهوار شروعاتي پگهار نہ کڻندڙ عهدن تي مقرر ڪرڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(vii) منظور ڪيل بجيٽ مان خرچ جاري ڪرڻ ۽ جيڪڏهن ضروري هجي خرچ جي ساڳئي ميجر هيڊ مان فنڊن کي ٻيهر ترتيب ڏيڻ؛

(viii) ٻيهر ترتيب ذريعي اهڙي رقم جاري ڪرڻ جيڪا پنج هزار رپين کان وڌيڪ نہ هجي، اهڙي خرچ لاءِ جيڪو بجيٽ ۾ نہ ڄاڻايو ويو هجي ۽ ان کي سنڊيڪيٽ جي ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ رپورٽ ڪرڻ؛

(ix) لاڳاپيل يونيورسٽي طرفان مليل نالن جي پينل تي غور ڪرڻ کانپوءِ يونيورسٽي جي سمورن امتحانن لاءِ پيپر سيٽرس ۽ ايگزيمينرس مقرر ڪرڻ؛

(x) پيپرز جي جاچ پڙتال، مارڪس شيٽس جوڙڻ ۽ امتحانن جي نتيجن جي تياري جا انتظام ڪرڻ؛

(xi) يونيورسٽي جي استادن، عملدارن ۽ ٻين عملدارن کي پڙهائي، تحقيق، امتحان، انتظاميہ يا يونيورسٽي جون ٻيون اهڙيون سرگرميون سونپڻ، جيئن اهو ضروري سمجهي؛

(xii) اهڙين شرطن موجب، جيئن بيان ڪيو ويو هجي، هن آرڊيننس تحت پنهنجا ڪي بہ اختيار يونيورسٽي جي ڪنهن عملدار يا ملازم حوالي ڪرڻ؛ ۽

(xiii) اهڙا اختيار استعمال ڪرڻ ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

رجسٽرار
Registrar

29. (1) رجسٽرار يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ سنڊيڪيٽ طرفان مقرر ڪيو ويندو، بشرطيڪ پهريون رجسٽرار، هن آرڊيننس جي فوري طور لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ، چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارشن تي مقرر ڪيو ويندو.

(2) رجسٽرار اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪيو ويندو، جيئن چانسيلر طئي ڪري، ۽ ٽن سالن تائين عهدو رکي سگهندو، ۽ ٻيهر مقرري جي اهل هوندو.

(3) رجسٽرار:

(a) يونيورسٽي جي عام مهر ۽ تعليمي رڪارڊس جو سنڀاليندڙ هوندو؛

(b) جاڻايل طريقيڪار موجب رجسٽرڊ گريجوئيٽس جو رجسٽر ترتيب ڏيندو؛

(c) جاڻايل طريقيڪار موجب مختلف اٿارٽيز جي ميمبرز جون چونڊون ڪرائيندو؛ ۽

(d) اهڙيون ذميداريون سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيل هجن.

داڻريڪٽر آف فنانس
Director of Finance

30. (1) ڊائريڪٽر آف فنانس يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ چانسيلر طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو جيئن اهو طئي ڪري.

(2) ڊائريڪٽر آف فنانس ڪندو:

(a) يونيورسٽي جي ملڪيت، ماليات ۽ سيڙپڪاري جو انتظام ڪندو؛

(b) يونيورسٽي جي ساليانيءَ ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ جا ڪاٿا تيار ڪندو ۽ اهڙا ڪاٿا فنانس اينڊ پلاننگ ڪميٽي، سنڊيڪيٽ ۽ سينيٽ جي سامهون پيش ڪندو؛

(c) اهو يقيني بڻائڻ ته يونيورسٽي جا فنڊ انهن مقصدن لاءِ استعمال ٿيا آهن، جن لاءِ اهي فراهم ڪيا ويا آهن؛ ۽

(d) اهڙيون ٻيون ذميداريون سرانجام ڏيندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

امتحانن جو ڪنٽرولر
Controller of Examinations

31. (1) امتحانن جو ڪنٽرولر، اٿارٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ سنڊيڪيٽ طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪيو ويندو جيئن اها طئي ڪري؛ بشرطيڪ پهريون امتحانن جو ڪنٽرولر هن آرڊيننس جي شروعات کانپوءِ فوري طور تي چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارشن تي مقرر ڪيو ويندو.

(2) امتحانن جو ڪنٽرولر امتحانن ڪرائڻ سان لاڳاپيل سمورن معاملن جو ذميوار هوندو ۽ اهڙيون ذميواريون سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

ريزيڊنٽ آڊيٽر

32. (1) ريزيڊنٽ آڊيٽر يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار

| | |
|---|---|
| هوندو ۽ سنڊيڪيٽ طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو جيئن اها طئي ڪري، بشرطيڪ پهريون ريذيڊنٽ آفيسر هن آرڊيننس جي شروعات کانپوءِ فوري طور تي چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي مقرر ڪيو ويندو. | Resident Officer |
| (2) ريزيڊنٽ آڊيٽر يونيورسٽي جي اڪائونٽس جي آڊيٽنگ سان لاڳاپيل سمورن معاملن جو ذميدار هوندو ۽ اهڙيون ٻيون ذميداريون سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي. | |
| 33. اهڙن عملدارن جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا ۽ اختيار ۽ ذميداريون، جيڪي اڳ ۾ مهيا نہ ڪيا ويا هجن، اهي اهڙيءَ ريت هوندا جيئن بيان ڪيا وڃن. | ٻيا عملدار<br>Other Officers |
| **باب _VI**<br>**عملدار، استاد ۽ يونيورسٽي جا ٻيا ملازم**<br>**CHAPTER_VI**<br>**OFFICERS, TEACHERS AND OTHER EMPLOYEES OF THE UNIVERSITY** | باب_VI<br>عملدار، استاد ۽ يونيورسٽي جا ٻيا ملازم<br>CHAPTER_VI<br>OFFICERS, TEACHERS AND OTHER EMPLOYEES OF THE UNIVERSITY |
| 34. (1) يونيورسٽي جو ڪو عملدار، استاد يا ٻيو ڪو ملازم، جيئن چانسيلر هدايت ڪري، ڪنهن بہ عهدي تي جيڪو وفاقي يا صوبائي حڪومت يا مڪاني اٿارٽي، يا | عملدارن وغيره جي ٻين يونيورسٽين يا سرڪاري آفيسن ڏانهن |

كارپوريشن يا باڊي سيٽ اپ يا اهڙي ڪنهن حڪومت طرفان قائم ڪيل يا پاڪستان ۾ ڪنهن يونيورسٽي ۾ اهڙي عرصي لاءِ ملازمت ڪندو جيئن وقت بوقت چانسيلر طرفان طئي ڪئي وڃي يا وڌائي وڃي، ۽ سندس شرط ۽ ضابطا ڪيس يونيورسٽي ۾ ملندڙ سهولتن کان گهٽ فائديمند نہ هوندا.

يا مان بدلي
Transfer officers, etc. to or from other Universities or Government offices

(2)چانسيلر يونيورسٽي ۾ ڪنهن آسامي تي پاڪستان جي ڪنهن ملازمت ۾ ڪو شخص، يا عملدار، استاد يا پاڪستان ۾ ڪنهن ٻي يونيورسٽي جو ٻيو ملازم يا مڪاني حڪومت، يا ڪارپوريشن جو ملازم يا باڊي وفاقي يا صوبائي حڪومت طرفان باڊي سيٽ اپ جو ڪو ملازم پر تي ڪري سگهي ٿو.

سبب ڄاڻائڻ جو موقعو
Opportunity to show cause

35. يونيورسٽي جو ڪو عملدار، استاد يا ٻيو ڪو ملازم، جيڪو مستقل عهدو رکندو هجي، ان جي رينڪ نہ گهٽائي ويندي، يا کيس برطرف يا ملازمت مان لازمي طور رٽائر نہ ڪيو ويندو، جيستائين کيس اهڙو قدم کڻڻ خلاف سبب ڄاڻائڻ جو موزون موقعو نہ ڏنو وڃي.

بشرطيڪ اهڙي ڪنهن عملدار، استاد يا ملازم تي هن دفعہ موجب ڪجهہ بہ لاڳو نہ ٿيندو، جيڪڏهن اهو اخلاقي گستاخي ۾ ملوث هوندو يا مجاز اختياري جي راءِ موجب سبب ڄاڻائڻ جو موزون موقعو ڏيڻ باوجود اهو عمل ڪرڻ لائق نہ آهي.

سنڊيڪيٽ کي اپيلون ۽ انهن تي نظرثاني
Appeals to and

36. ( 1) جتي ڪنهن عملدار (سواءِ وائيس چانسيلر جي)، استاد يا يونيورسٽي جي ڪنهن ٻئي ملازم کي سزا ڏني وئي آهي يا ان جي ملازمت جا ڪي بہ شرطون ۽ ضابطا وائيس

review by Syndicate

چانسيلر يا ڪنهن ٻي مجاز اٿارٽي طرفان جاري ڪيل حڪم ذريعي سندس نقصان ۾ تبديل ڪيا ويا آهن، اهڙي حڪم خلاف سنڊيڪيٽ کي اپيل ڪري سگهي ٿو، بشرطيڪ جتي حڪم سنڊيڪيٽ طرفان جاري ڪيو ويو هجي، متاثر شخص، اپيل ڪرڻ بدران سنڊيڪيٽ کي اهڙي حڪم تي نظرثاني لاءِ درخواست ڪري سگهي ٿو.

(2) ذيلي دفعه (1) تحت اپيل يا نظرثاني جي درخواست وائيس چانسيلر ذريعي ڏني ويندي، جيڪو ان کي پنهنجي راءِ سان گڏ سنڊيڪيٽ سامهون رکندو ۽ اهڙي اپيل يا درخواست سنڊيڪيٽ طرفان اڪلائي ويندي جيئن اها مناسب سمجهي.

سپر اينوئيشن جي عمر
Age of Superannuation

37. يونيورسٽي جو ڪو عملدار استاد يا ٻيو ڪو ملازم ملازمت تان رٽائر ٿيندو:

(i) اهڙي تاريخ تي، ملازمت جا پنجويهه سال مڪمل ڪرڻ کانپوءِ اهو پينشن يا رٽائرمينٽ جي ٻين فائدن لاءِ اهل هوندو، جيئن مجاز اختياري هدايت ڪري؛ يا

(ii) جتي ذيلي شق (1) تحت ڪا هدايت نه ڏني وئي آهي، سٺ سال عمر پوري ٿيڻ تي.

وضاحت: هن دفعه ۾ ”مجاز اٿارٽي“ مطلب مقرري ڪندڙ اٿارٽي يا ان سلسلي ۾ مقرري ڪندڙ اٿارٽي طرفان مڪمل طور بااختيار بڻايل ڪو شخص، جيڪو ان عملدار، استاد يا لاڳاپيل ڪنهن ٻئي ملازم جي رينڪ کان گهٽ نه هجي.

پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پرووبڊنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ

38. يونيورسٽي اهڙي سلسلي ۾ ۽ اهڙين شرطن موجب جيئن بيان ڪيو ويو هجي، ان جي عملدارن، استادن ۽ ٻين ملازمن کي پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پرووبڊنٽ فنڊ ۽

| | |
|---|---|
| Pension insurance Gratuity, provident Fund and Benevolent Fund | بينيوولينٽ فنڊ جاري ڪندي:<br>بشرطيڪ جيڪڏهن ڪو پرووِيڊنٽ فنڊ هن دفعہ تحت ڏنو ويو آهي، پرووِيڊنٽ فنڊ ايڪٽ، 1925 جون گنجائشون (1925 جو ايڪٽ، XIX) اهڙي فنڊ تي لاڳو ٿينديون، ڄڻ اهو گورنمينٽ پرووِيڊنٽ فنڊ هجي. |
| باب_VII<br>يونيورسٽي فنڊ<br>CHAPTER_VII<br>UNIVERSITY FUND | **باب _VII**<br>**يونيورسٽي فنڊ**<br>**CHAPTER_VII**<br>**UNIVERSITY FUND** |
| يونيورسٽي فنڊ<br>University Fund | 39. ( 1) يونيورسٽي لاءِ هڪ فنڊ هوندو جنهن کي يونيورسٽي فنڊ سڏيو ويندو، جنهن ۾ يونيورسٽي طرفان فيس، عطين، ٽرسٽس، وصيتن، انڊومينٽس، ڪنٽريبيوشنز، گرانٽس ۽ ٻين وسيلن کان حاصل ڪيل سموريون رقمون جمع ڪيون وينديون.<br>(2)ڪو بہ خرچ يونيورسٽي جي فنڊس مان نہ ڪيو ويندو جيستائين ان جي ادائگي جو بل بيان ڪيل طريقي موجب ريزيڊنٽ آڊيٽر طرفان آڊٽ نہ ڪيو ويو هجي. |
| آڊٽ ۽ اڪائونٽس<br>Audit and Accounts | 40. ( 1) يونيورسٽي جا اڪائونٽس اهڙي طريقي ۽ اهڙي نموني سنڀاليا ويندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.<br>(2) يونيورسٽي جا اڪائونٽس ڄاڻايل طريقي موجب ان سلسلي ۾ حڪومت طرفان مقرر ڪيل آڊيٽر طرفان سال ۾ هڪ دفعو آڊٽ ڪيا ويندا. |

(3) ڊائريڪٽر آف فنانس ۽ ريزيڊنٽ آڊيٽر طرفان دستخط ٿيل يونيورسٽي اڪائونٽس جو ساليانو اسٽيٽمينٽ مالي سال ختم ٿيڻ جي ڇهہ مهينن اندر حڪومت کي پيش ڪيو ويندو.

(4) يونيورسٽي جو اڪائونٽ آڊٽ اعتراضن سميت، جيڪڏهن ڪو هجي، ۽ حڪومت طرفان مقرر ڪيل آڊيٽر ۽ ڊائريڪٽر آف فنانس جي تحفظات سان اهڙي ريت سنڊيڪيٽ سامهون پيش ڪيا ويندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

باب ـ VIII
ڪاليجن جو يونيورسٽي سان الحاق ٿيڻ
CHAPTER_VIII
AFFILIATION OF COLLEGES TO UNIVERSITY

## باب ـ VIII

## ڪاليجن جو يونيورسٽي سان الحاق ٿيڻ

## CHAPTER_VIII

## AFFILIATION OF COLLEGES TO UNIVERSITY

الحاق
Affiliation

41. (1) يونيورسٽي ۾ الحاق چاهيندڙ ڪاليج مطمئن ڪرڻ لاءِ يونيورسٽي کي درخواست ڏيندو تہ:

(a) ڪاليج حڪومت جي انتظام هيٺ آهي يا مستقل بنيادن تي جوڙيل گورننگ باڊي جي نگرانيءَ هيٺ آهي؛

(b) ڪاليج جا مالي وسيلا اداري کي هلائڻ ۽ جوڳي نموني ڪم جاري رکڻ لاءِ ڪافي آهن؛

(c) ڪاليج جي پڙهائيندڙ ۽ ٻئي اسٽاف جي سگهہ، تعليمي

قابليت ۽ ملازمت جا شرطون ۽ ضابطا بيان ڪيل ڪورسز آف اسٽڊيز ۽ ڪاليج جي تربيت جي مقصد لاءِ مطمئن ڪندڙ آهن؛

(d) ڪاليج ڪي پنهنجي ملازمن جي ڪم ڪار ۽ نظم و ضبط ڪي سنڀالڻ لاءِ جوڳا قاعدا آهن؛

(e) ڪاليج جي عمارت موزون ۽ ان جي گهرجن موجب وڏي آهي؛

(f) ڪاليج وٽ اهڙيون گنجائشون آهن، يا ڄاڻايل طريقي موجب گنجائشون جوڙي سگهي ٿو شاگردن جي رهائش لاءِ جيڪي پنهنجي والدين يا سنڀاليندڙ سان گڏ نہ رهندا هجن، ۽ انهن جي نظرداري ۽ طبي ۽ عام ڀلائيءَ جي لاءِ؛

(g) ڪاليج ڪي لائبريري جي گنجائش آهي ۽ لائبريري جون خدمتون فراهم ڪري ٿو؛

(h)ڪاليج ڪي خاص طور ڀريل ليباريٽري، ميوزيم ۽ ڪاليج ۾ پڙهائي ويندڙ ڪورسن جي عملي ڪم لاءِ گهربل ٻيون جايون آهن؛

(i)ڪاليج وٽ اهڙي گنجائش آهي، يا ڪاليج جي عمارت ۾ پرنسپال يا پڙهائي جي اسٽاف جي ٻين ميمبرن جي رهائش جي گنجائش ناهي سگهي ٿو يا ويجهو اهڙي عمارت جي يا شاگردن جي رهائش جي ويجهو ۽

(j)ڪاليج جو الحاق ڀر ۾ ٻئي ڪاليج يا تعليمي اداري طرفان ان جي شاگردن جي تعليم جي فائدي ۽ نظم و ضبط لاءِ جوڙيل گنجائشن لاءِ نقصانڪار نہ هوندو.

(2) درخواست سان گڏ ڪاليج طرفان وڏيڪ هڪ قسم نامو هوندو تہ الحاق ڪانپوءِ انتظاميا يا ٽيچنگ اسٽاف

۾ ڪنهن بہ تبديلي بابت يونيورسٽي کي اڳواٽ ٻڌايو ويندو ۽ ٽيچنگ اسٽاف وٽ اهڙي تعليمي قابليت هوندي، جيڪا بيان ڪئي وئي هجي.

(3) سنڊيڪيٽ، افيليئيشن ڪميٽي جي سفارشن تي غور ڪرڻ کانپوءِ، اهڙي طريقيڪار موجب، جيئن ڄاڻايو ويو هجي، الحاق جي منظوري ڏيندي يا انڪار ڪندي.

بشرطيڪ الحاق کان انڪار نہ ڪيو ويندو، تيستائين جيستائين ڪاليج کي اهڙي فيصلي خلاف عرضداشت پيش ڪرڻ جو موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي.

ڪورسز جو اضافو
Addition of Courses

42. جتي الحاق ٿيل ڪاليج ڪورسز آف اسٽڊيز شامل ڪرڻ جي خواهش ڪري ٿو جن جي سلسلي ۾ ان کي الحاق جي اجازت ڏني وئي آهي تہ ان سلسلي ۾ اهڙي اضافي جي اجازت لاءِ يونيورسٽي کي درخواست ڏني ويندي، ساڳئي طريقي جيئن الحاق لاءِ درخواست ڏني وئي هئي ۽ ان کي ساڳئي طريقي اڪلايو ويندو.

الحاق ڪيل تعليمي ادارن طرفان رپورٽون
Reports from affiliated educational institutions

43. (1) هر الحاق ٿيل ڪاليج اهڙيون رپورٽون، رٽرنس ۽ ٻي معلومات يونيورسٽي کي فراهم ڪندو جيڪا يونيورسٽي طرفان ڪاليج جي صلاحيت معلوم ڪرڻ لاءِ طلب ڪئي وڃي.

(2) يونيورسٽي الحاق ٿيل ڪاليج کي دفعہ 41 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ ڄاڻايل ڪنهن معاملي جي سلسلي ۾ اهڙو قدم کڻڻ جو چئي سگهي ٿي ۽ اهڙي عرصي دوران جيئن اها مناسب سمجهي.

الحاق کي ختم ڪرڻ

44. جتي ڪو الحاق ٿيل ڪاليج هن آرڊيننس تحت ڪي

*With draw of affiliation*

گھرجون پوريون ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا الحاق جي ڪن شرطن تي عمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا ان جي معاملن کي تعليم جي مفادن خلاف حل ڪري ٿو، سنڊيڪيٽ، ڄاڻايل طريقي موجب ۽ افيليئيشن ڪميٽي جي سفارش تي ۽ ڪاليج جي ريپريزنٽيشن تي غور ڪرڻ کانپوءِ، برقرار رکي سگهي ٿو يا ختم ڪري سگهي ٿو سموريون يا ڪا بہ مراعات جيڪا الحاق ٿيل ڪاليج کي ڏني وئي هجي.

*الحاق کي ختم ڪرڻ يا هٽ ڪٽڻ کان انڪار خلاف اپيل*
*Appeal against refusal or withdrawal of affiliation*

45. جتي ڪنهن ڪاليج کي دفعہ 41 تحت الحاق کان انڪار ڪيو ويو آهي يا الحاق ٿيل ڪاليج کي مليل سموريون يا ڪا هڪ مراعات برقرار رکي وئي آهي يا دفعہ 44 تحت ختم ڪئي وئي آهي، اهڙي انڪار خلاف سينيٽ کي مخصوص عرصي دوران اپيل ڪري سگهجي ٿي، جيئن بہ معاملو هجي، ترميم يا ختم ڪرڻ ۽ معاملو اهڙي ريت اڪلايو ويندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

*باب_IX*
*قانون، قاعدا ۽ ضابطا*
*CHAPTER_IX*
*STATUTES, RULES AND REGULATIONS*

## باب _IX
## قانون، ضابطا ۽ قاعدا
## CHAPTER_IX
## STATUTES, REGULATIONS AND RULES

*قانون*
*Statutes*

46. (1) قانون هيٺين سمورن يا انهن مان ڪنهن هڪ معاملي لاءِ جوڙيا ويندا:

(a) يونيورسٽي جي عملدارن، استادن ۽ ٻين ملازمن جا پي اسڪيل يا ملازمت جا ٻيا شرطون ۽ ضابطا ۽ اهڙن عملدارن، استادن ۽ ملازمن جي پينشن، انشورنس،

گريچوئٽي، پرووبڊنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ ڏيڻ؛
(b) عملدارن ۽ استادن سميت يونيورسٽي جي ملازمن جي هلت چلت ۽ نظم و ضبط؛
(c) اٿارٽيز جي جوڙجڪ، اختيار ۽ ذميداريون ۽ اهڙين اٿارٽيز ۾ چونڊون ڪرائڻ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملا؛
(d) رجسٽرڊ گريجوئيٽ جو رجسٽر سنڀالڻ؛
(e) ڪاليج جو الحاق ۽ ڏار ڪرڻ ۽ ان سا لاڳاپيل معاملا؛
(f) تعليمي ادارن جي يونيورسٽي جي مراعتن ۾ داخلا ۽ مراعتن کان خارج ڪرڻ؛
(g) فيڪلٽيز، ادارا، ڪاليج ۽ اڪيڊمڪ ڊويزنس جو قيام؛
(h) عملدارن استادن ۽ يونيورسٽي جي ٻين ملازمن جا اختيار ۽ ذميداريون؛
(i) اميريٽس پروفيسر جي مقرري لاءِ شرط؛
(j) شرط جن تحت يونيورسٽي پبلڪ باڊيز يا ٻين تنظيمن سان تحقيق ۽ ايڊوائيزري سروسز لاءِ معاهدن ۾ داخل ٿي سگهي ٿي؛
(k) پڙهائي جي عام اسڪيم بشمول ڪورسز جو عرصو ۽ مضمونن جو انگ ۽ امتحانن لاءِ پيپرز؛
(l) اعزازي ڊگريون ڏيڻ؛ ۽
(m) ٻيا معاملا جيڪي قانونن ۾ بيان ٿيڻ گهرجن يا بيان ٿيڻ ضروري آهن.

(2) سنڊيڪيٽ ڪن قانونن لاءِ پروپوزل جوڙي سينيٽ ڏانهن اماڻيندي، جيڪا اهڙي پروپوزل تي غور ڪرڻ بعد، ان کي ڪنهن تبديلي سان يا بنا ڪن تبديلين جي منظور ڪندي يا سنڊيڪيٽ کي ٻيهر غور ڪرڻ لاءِ

واپس اماڻيندي يا ان کي رد ڪندي:

بشرطيڪ ڪنهن اٿارٽي جي جوڙجڪ يا اختيارن کي متاثر ڪندڙ قانون پروپوز نہ ڪيا ويندا، جيستائين اهڙي اٿارٽي کي پروپوزل تي لکت ۾ پنهنجو خيال بيان ڪرڻ جو موقعو نہ فراهم ڪيو وڃي:

بشرطيڪ وڌيڪ تہ ذيلي دفعہ (1) جي شق (a) ۾ ڄاڻايل ڪنهن معاملي جي سلسلي ۾ قانون، جيڪي سينيٽ طرفان منظور ڪيا ويا هجن، تيستائين موثر نہ هوندا جيستائين انهن جي چانسيلر طرفان منظوري نہ ڏني وڃي:

بشرطيڪ اهو بہ تہ ذيلي دفعہ (1) جي شق (b) ۾ ڄاڻايل معاملي جي سلسلي ۾ قانون، چانسيلر طرفان جوڙيا ويندا.

(3) جيستائين ڪجهہ ذيلي دفعہ (2) ۾ شامل نہ هجي، چانسيلر پهريان قانون لاڳو ڪندو جيڪي تيستائين لاڳو رهندا جيستائين انهن ۾ ترميم ڪئي وڃي يا سنڊيڪيٽ طرفان جوڙيل قانونن سان تبديل نہ ڪيا وڃن.

ضابطا
Regulations

47. (1) قانونن موجب، ضابطا هيٺين سمورن معاملن يا هيٺين مان ڪنهن بہ هڪ معاملي لاءِ جوڙيا ويندا:

(a) ڊگرين، ڊپلوماز ۽ يونيورسٽي جي سرٽيفڪيٽن لاءِ پڙهائي جا ڪورسز؛

(b) يونيورسٽي ۽ ڪاليجن ۾ پڙهائي جو انداز ۽ طريقيڪار؛

(c) يونيورسٽي ۾ تعليم لاءِ داخلائون ۽ اهي شرط جن مطابق ڪورس ۾ داخلا جي اجازت ڏني ويندي ۽ يونيورسٽي جا

امتحان جيڪي ڊگرين، ڊپلوما ۽ سرٽيفڪيٽن حاصل ڪرڻ جي لائق بڻائيندا؛

(d) امتحان ڪرائڻ؛

(e) شاگردن طرفان پڙهائي ڪورسن ۾ داخلا ۽ يونيورسٽي جي امتحانن لاءِ فيس ۽ ٻيون چارجز ادا ڪيون وينديون؛

(f) يونيورسٽي جي شاگردن جي هلت چلت ۽ نظم و ضبط؛

(g) يونيورسٽي يا ڪاليجن جي شاگردن جي رهائش، ۽ رهائش جي هالس ۽ هاسٽلس ۾ رهائش جي فيس ۽ شاگرد جي هاسٽلس ۽ لاجنگس جي منظوري؛

(h) ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ آزاد تحقيق جون شرطون؛

(i) فيلوشپس، اسڪالرشپس، ميڊلس ۽ انعام ڏيڻ؛

(j) وظيفا ۽ مفت ۽ اڌ مفت اسٽوڊنٽ شپس ڏيڻ؛

(k) اڪيڊمڪ ڪاسٽيوم؛

(l) لائبريري جو استعمال؛

(m) ٽيچنگ ڊپارٽمينٽس ۽ بورڊس آف اسٽڊيز جي جوڙجڪ؛ ۽

(n) ٻيا معاملا جيڪي هن آرڊيننس يا قانونن موجب بيان ٿيڻا آهن يا ضابطن ذريعي بيان ڪري سگهجن ٿا.

(2) اڪيڊمڪ ڪائونسل ضابطا جوڙيندي ۽ سنڊيڪيٽ کي پيش ڪندي، جيڪا انهن کي ترميم سان يا بنا ترميم جي منظور ڪندي يا انهن کي اڪيڊمڪ ڪائونسل ڏانهن ٻيهر غور لاءِ واپس اماڻيندي يا انهن کي رد ڪندي.

قاعدا Rules

48. (1) ڪا اٿارٽي يا يونيورسٽي جي باڊي هن آرڊيننس، قانونن يا ضابطن سان لاڳاپيل قاعدا جوڙي سگهي ٿي، ته

جيئن ان جي معاملن کي هلائي سگهجي ۽ ان جي گڏجاڻين جو وقت ۽ هنڌ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملا حل ڪري سگهجن.

(2) سنڊيڪيٽ ڪنهن اٿارٽي يا باڊي، سواءِ سينيٽ جي طرفان جوڙيل ڪن قاعدن ۾ ترميم ڪرڻ يا انهن کي منسوخ ڪرڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿي:

بشرطيڪ جيڪڏهن اهڙي ڪا اٿارٽي يا باڊي سنڊيڪيٽ طرفان ڏنل اهڙي هدايت مان مطمئن نہ ٿي ٿئي تہ اها سينيٽ کي اپيل ڪري سگهي ٿي، جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

باب _X
عام گنجائشون
CHAPTER_X
GENERAL PROVISIONS

## باب _X
## عام گنجائشون
## CHAPTER_X
## GENERAL PROVISIONS

دائره اختيار تي پابندي
Bar of Jurisdiction

49. ڪنهن بہ عدالت کي هن آرڊيننس تحت ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي خلاف ڪنهن ڪارروائي، گرانٽ يا فيصلي يا ڪنهن حڪم جاري ڪرڻ جو اختيار نہ هوندو.

ضمانت
Indemnity

50. هن آرڊيننس تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي حڪومت، يونيورسٽي يا ڪنهن اٿارٽي، عملدار يا حڪومت يا يونيورسٽي جي ملازم يا ڪنهن شخص خلاف ڪو مقدمو يا قانوني ڪارروائي نہ ٿيندي.

رنڊڪون ه ٽائڻ

51. جتي هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ جي ٻارنهن مهينن

| | |
|---|---|
| دوران هن آرڊيننس جي ڪن گنجائشن تي عملدرآمد ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي ٿي، چانسيلر، وائيس چانسيلر جي سفارش تي اهڙي رنڊڪ کي هٽائڻ لاءِ خاص هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو. | Removal of Difficulties |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**